www.drpathan.com Page # 1

ڀنڪون پاڻ ۾ پرچنا ءِ هين ڪي ٻيڙهي ڀڙا سين!!

# سنڌ مسلم ليگ جي ضرورت

Gul Hayat Institute

از
حاجي سر عبدالله هارون ايم. ايل. اي
ڪراچي

بابر ليٿو پريس ڪراچي ۾ ڇپيو

# مسلم ليگ جي ضرورت

(از قلم حاجي سر عبدالله هارون ايم ايل اي)

هندوستان ۾ اٺن ڪروڙن مسلمانن جو مستقبل ڪهڙو ٿيندو؟ آيا هنن کي پنهنجي جداگانه قومي هستيءَ کي نظرانداز ڪري هندن ۾ جذب ٿي وڃڻ گهرجي يا پنهنجي قومي هستي، قومي زبان قومي تهذيب ۽ قومي روايات ۽ پرسنل لا کي برقرار محفوظ رکڻ گهرجي؟ اهي اهم سوال آهن جنهن تي مسلمانن کي ٿڌي دل سان غور ڪرڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

## ڪانگريسي مسلمانن جا خيال

مسلمانن جو هڪ طبقو جو ڪانگريس سان شامل ٿي چڪو آهي. انهن جي راءِ آهي ته مسلمانن لاءِ جداگانه هستي قائم ڪرڻ ڪا

www.drpathan.com Page # 3

ضرر ري نه آهي. انهن جي خيال ۾ سرڪاري
نوڪرين ۾ حصو گهرڻ، پنهنجي زبان ۽ تهذيب جي حفاظت
۽ جدوجهد ڪرڻ. وطن پرستي ۽ جي اصول جي
خلاف آهي. سو چاهين ٿا ته مسلمان ڪنهن شرط
شروط جي ڪانگريس ۾ شامل ٿي وڃن.

## غير ڪانگريسي مسلمانن جو نقطہ نظر

انهي برخلاف هندستان جي مسلمانن اڪثريت جو
خيال آهي ته آقائن جي تبديلي مان ڪو سبب
فائدو نه ٿيو آهي. جيڪڏهن انگريزن جي
غلامي مان نڪري هندن جي غلامي ۾ آيا سين
ته ان مان ڪهڙو فائدو ٿيندو.

انهي ڪري هندو ذهنيت جو نهايت تلخ تجربو ٿي چڪو
آهي. تنهنڪري ڪانگريس صوبن ۾ مسلمانن سان جيڪو
سلوڪ روا رکيو ويو آهي انهي مسلمانن ۾ بيداري

Gul Hayat Institute

ايجا وڏيڪ مجروح ٿيا آهن. انهن جي سامهون هندستان جي گذشته ڏهه هزار سالن جي تاريخ موجود آهي. جاڪين وڏي آواز سان ٻڌائي رهي آهي ته جيڪڏهن اوهان نيشنلزم جي چار رقاسي ويا ته توهان جي به اُها ساڳي حالت ٿيندي جا هندستان جي اصلي رهاڪن مثلاً ڪول، ڀل، دراوڙ، ڀيلن جي ٿي آهي جنکي اڄوڪي اصطلاح ۾ اڇوت ۽ چيو وڃي ٿو. مسلمان هندوانه ذهنيت جي روزمره ذبيحة، لين دين خريد فروخت ۽ معاشرتي تعلقات ۾ تجربو ڪندا رهيا آهن. هنن کي گمان آهي ته مسلمان انهن جي به ساڳي حالت ٿيندي. هنن کي يقين آهي ته ڪانگريسي نيشنلزم جو اصلي مقصد اهو آهي ته هندستان جي حڪومت جي واڳ ۾ ڏور هندوانه ڪثرت جي هٿن ۾ منتقل ٿئي. ۽ مسلمان ۽ ٻيون گهٽ تعداد وارين قومون سندن رحم ۽ ڪرم تي جيئڻ پل ڪجن.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com 

# قومي حقن جو تحفظ نئين نسلن جي برخلاف ناهي

مونکي انهن پارٽين جي ذهنيت تي تعجب ٿئي ٿو جي قومي حقوق جي تحفظ کي قومپرستي جي خلاف سمجهن ٿا. قومپرستي هن وقت نئين نسل جي سرشت آهي. ان بنياد تي قومپرستي قومن جي حقن جي پوري حفاظت ڪئي وڃي ته ترقي نوڪرين ۾ مساوات وارو حصو ملڻ لاءِ حڪومتون ذاتي اُها عمل ۾ آڻن ٿيون. انهن سوڙهي سوچ رکندڙ سياسي جو مثال اسان جي سامهون موجود آهي. هتي جي جمهوري اقليت حڪومت کان نيڪ نيت تحفظات طلب ڪيا آهن.

سرڪاري ملازمتن ۾ ٻين شعبن وارن ۾ مختلف زبانن جي استعمال ڪرڻ جو قانون سان آهي. ان سمجهه

اهڙي تبديلي ڪئي وڃي. جيئن جرمن زبان کي زيگ ۽ سلووڪ زبان جي برابر درجو حاصل آهي.

٢- سيني گهٽ تعداد وارين قومن کي سنڌ ۾ تهذيب ۽ تمدن جي باري ۾ خودمختيار ڪئي وڃي. ۽ سيني قومن جي علمي مشغلي جي ترقي لاءِ سرڪاري بجيٽ ۾ جدا جدا رقمن جو انتظام ڪيو وڃي.

٣- اقليتن جي ڪلچر ۽ تعليم جو انتظام انهن جي قومي اصولن جي بنا تي ڪيو وڃي. ۽ مختلف اقليتون پنهنجي درسگاهن ۾ پنهنجي پنهنجي زبان جي ذريعي تعليم ڏين ۾ خودمختيار هجن.

٤- سرڪاري ملازمت ۾ هر اقليت کي سنڌ ۾ تعداد مطابق حصو ملڻ گهرجي.

٥- ميونسپل ۽ سرڪاري نيڪن ۾ هر اقليت پنهنجي تعداد مطابق حصي ۾ ملڻ جو حقدار رهندي.

Gul Hayat Institute

٦- ڪنٽرول جو فنڊ ڪوليو وڃي جنهن ۾ مختلف
اقليتن جا عيوضي آبادي ۾ جي تناسب مطابق شامل
ٿين. ان فنڊ جو ڪم ٿيندو ته اقليتن جي قانوني
تحفظات تي صحيح ۽ سچي نگراني ڪري
جيئن ڪنهن به اقليت سان ڪا به بي انصافي نه ٿي سگهي.

هي صرف چند مطالبات آهن جي جن اقليت
زيڪو سليوڪيا جي حڪومت سامهون پيش ڪيا آهن.
ان مان صاف معلوم ٿئي ٿو ته يورپ ۾ ٻين اقليتن اهڙن
قسمن جي تحفظات لاءِ مطالبا ڪيا آهن.

## هند ومسلم اتحاد

Gul Hayat Institute

آئون هند ومسلم اتحاد جو دلي خواهشمند آهيان
۽ منهنجي هميشه اهائي خواهش رهي آهي ته هندستان
۾ سنڌ جا هندو مسلمان هڪ ٻئي سان صلح ۾ سانت
۽ محبت سان رهن.

**اتحاد پارٽيءَ جو بنياد** اِن خيال جي زير اثر
سِن سنڌ ۾ اتحاد پارٽيءَ جو بنياد رکيو، چاهيو ٿي ته
سنڌ جا هندو ۽ مسلمان گڏجي حڪومت هلائين. اتحاد
پارٽيءَ جو پروگرام غير فرقيوارانه بنيادن تي رکيو ويو.
پارٽيءَ جو دروازو سڀني قومن لاءِ کليو رکيو ويو.
اتحاد پارٽيءَ جي پروگرام کي سنڌ ۽ هندستان جي مختلف
خيال هندو مسلمان رهنمائن پسند ڪيو ۽ انجي تعريف
ڪئي. مگر افسوس ته اڄ ڏينهن تائين سک هندو ۽
ان ۾ شرڪت نه ڪئي.

جنهن جو نتيجو هي نڪتو ته گذريل ڏيڍ سال ۾ سنڌ وزارت
سنڌ جي عام ماڻهن لاءِ ڪو به مفيد ڪم نه ڪري سگهي
آهي ۽ اها ايتري قدر رهجي ڳالهه آهي ته ڪابه وزارت اُن
وقت تائين سٺين ڪم نه ڪري سگهندي جيستائين انجي
پارٽي اڪثريت ۾ نه هجي. غير فرقيوارانه پارٽيءَ جي
متعلق اسان جو خيال هو ته هندو ۽ انجو ضد مقدم ڪندا.

Gul Hayat Institute

۽ اهڙيءَ طرح سنڌ اتحاد پارٽي سنڌ جي عام بهبود ۽ لاءِ ڪم ڪري سگهندي. مگر اها اميد اسان نٿي پوري ٿيندي

# ڪانگريسي صوبن ۾ ساهوڪار بل

TENANCY ACT قرض جي معافيءَ جو بل ۽ ان قسم جا قانون پاس ٿي چڪا آهن. جي سنڌ ۾ پاس نه ٿي سگهيا آهن. انجو فقط اهو ئي سبب آهي ته سنڌ اسيمبلي جا هندو ميمبر ۽ اهي ڪانگريسي جن يا غير ڪانگريسي بنهي اتحاد پارٽيءَ جي پروگرام کي قبول نه ڪيو ۽ الڳ ٿي بيٺي رهيا. نه فقط ايترو پر ڪانگريس پارٽي هن وزارت مٿان ديتول لنو بيٺي آهي. بجاءِ انهي جو مٿين قانون پاس ڪرائڻ ۾ وزارت جي امداد ڪئي ڏجي. اٽلندو وزارت کي هر طرح ڪجهي صلح سانت سان ڪم ڪرڻ نٿو ڏنو وڃي. انهي ڪري هي وزارت خطري ۾ رهي ٿي ڪتونه

مفيد ۽ عملي ڪم سنڌ جي عام بهبودي لاءِ ڪري سگهي.

اڄ به جيڪڏهن ڪانگريس يا هندو يا هندن جي پنهنجي پارٽي پنهنجي رويه ۾ تبديلي آڻين ۽ بين ڪانگريسي صوبن ۾ جي اقتصادي بهتريءَ لاءِ قوانين پاس ٿيا آهن، تن جي پاس ڪرائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ۽ اتحاد پارٽيءَ سان اشتراڪ عمل ڪن ته مان انهيءَ مقدمہ ڪندس ۽ اڳتي سنڌ لاءِ هڪ نيڪ فال سمجهندس. صوبه جي حڪومت هلائڻ لاءِ هاڻ به مان غير فرقيوار انه پارٽيءَ جي فائدي ۾ آهيان.

Gul Hayat Institute

## مسلم ليگ جو مقصد

جيستائين مسلم ليگ جو تعلق آهي، مان ان کان قطع نظر نٿو ڪري سگهان. گذشته ٻن سالن ۾ صوبن جي ڪانگريسي وزارتن جو مسلمان اقليتن سان سلوڪ روا رکيو

www.drpathan.com Page # 11

آهي.
انهيءَ بنائي اندر ضروري آهي ته مسلمان مسلم ليگ
جي ماتحت ٿين ۽ پنهنجن حقن جي حفاظت ڪن.
سنڌ جا مسلمان هندستان جي بين الاقوامي سياسيات
کان الڳ نه ٿا رهي سگهن. ان لاءِ لازمي آهي ته هندستان
جي ٻين مسلمانن سان گڏ قدم قدم ترقي ڪن. تنهنڪري
سنڌ ۾ مسلم ليگ جي شاخ قائم ڪرڻ جي ضرورت
آهي. انهيءَ جا ٻه نهايت ضروري آهي ته سنڌ مسلم ليگ
جو مقصد آهي ته سنڌ جي عام مسلمانن ۾ بيداري
پيدا ڪئي وڃي. ۽ کين ملڪي حقوق کان باخبر
ڪيو وڃي. ڇو ته ان ڳالهه جو پورو يقين آهي ته جيڪڏهن
سنڌ جا مسلمان منظم ٿي وڃن ته ڪابه طاقت سندن
ملڪي حقوق کي ٺڪرائي نه ٿي سگهي.

## مسلم ليگ ڇا ٿي گهري

مسلم ليگ هندستان جي آزاديءَ جي ايتري قدر خواهشمند

Gul Hayat Institute

آهي جيترو ته هو ڪانگريس . پر هو چاهي ٿي ته
آزاد هندستان ۾ مسلمان آزاد رهن . جيئن ڪين
هندن جي غلامي ۾ رهڻو نه پوي . ڪانگريسي صوبن
۾ حڪومت جي نشي ۾ چور ٿي ڪانگريسين جي مسلمانن
سان ظلم وهايا آهن . تنهڪري هندستان جي مسلمانن ۾
بي آرامي جي لهر لڳي وئي آهي . هو چاهين ٿا ته
هندستان جي آئنده دستور اساسي ۾ سندن قومي
هستي ۽ سلامتي لاءِ قانوني طور بچاءُ ڪيا وڃن .

مثلاً :-

(١) ڪميونل آوارڊ جي ماتحت مسلمانن کي جيترا
گهڻا حق مليل آهن اهي ڪانگريس تسليم ڪري ۽
ڪميونل اوارڊ جي مخالفت نه ڪري .

(٢) ڪانگريسي صوبن جي وزارت ۾ اهي مسلمان
وزير رکيا وڃن جنهن کي مسلمان نمائندن جي اڪثريت
جو اعتماد هجي .

Gul Hayat Institute

٣- اردو زبان کي ٻين زبانن سان گڏ هندستان
جي سرڪاري زبان جو درجو ڏنو ويو.

٤- سرڪاري نوڪرين ۾ مسلمانن کي سنڌ ن
آباديءَ جي تناسب مطابق ضروري قابليت جو لحاظ رکندي
جايون ڏنيون ويون.

٥- بندي ماترم جو گيت هڪ مشهور دشمن اسلام
جو لکيل آهي جو مسلمانن سان دشمنيءَ ۾ اڳرو هو. ان کانسواءِ
هي گيت مشرڪانه به آهي. انهي سان مسلمانن جي
دل آزاري ٿئي ٿي. انهيءَ گيت کي قومي ترانه جو
درجو ڏنو ويو.

٦- مسلمانن کي اذان ڏيڻ ۽ ذبح ڪرڻ جي عام
اجازت هئي. ۽ انهي ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي بندش
عائد نه هئي.

هندن کي ديوالي ۽ ٻين ڏڻن تي پنهنجي مذهبي رسمن
جي ادا ڪرڻ جي اهڙي عام اجازت هئي جهڙي

انگريزي حڪومت جي راڄ ۾ ڪين حاصل آهي.

مسلم ليگ گهري ٿي ته مسلمانن جي واجبي بيچيني کي دور ڪرڻ لاءِ ڪانگريس عملي طور انهن کي يقين ڏياري ۽ ملڪ جي آئنده دستور اساسي ۾ اهڙا فقرا درج ڪيا وڃن ........................ جنڪان مسلمانن جي زبان ۽ پرسنل لاءِ ۽ تهذيب محفوظ رهن. خدا جو شڪر آهي ته هندستان جي مسلمانن ۾ بيداري جي نئي لهر لڳي وئي آهي ۽ هر هنڌ مسلم ليگ منظم ٿي رهي آهي. مونکي اميد آهي ته سنڌ ۾ به مسلم ليگ جي تحريڪ پوري طاقت سان زور وٺندي.

## ڪم ڪرڻ جو طريقو

سنڌ ۾ مسلم ليگ قائم ڪرڻ لاءِ غير ضروري شور ۽ وڏي جوش ۽ خروش جي ضرورت نه آهي ۽ نه

کنهن عام چندي جي ضرورت آهي. هر ڪنهن هنڌ
جا سمجهدار ۽ درد مند مسلمان جيڪي قومي ضروريات
جو احساس رکن ٿا. پنهنجي پنهنجي حلقي ۾ مسلم ليگ جا
ممبر ڀرتي ڪن ۽ سڪ آنيس ڪولي صوبه مسلم ليگ
سان الحاق ڪن. سڀ ڪنهن هنڌ جي ماڻهن کي
پنهنجي ضروريات خود پوري ڪرڻ گهرجي ۽ ٻاهر جي
امداد تي آسرو نه رکڻ گهرجي.
جيڪڏهن سڀ ڪنهن هنڌ کي ٽرماهو روزانه
هڪ ڏهاڙي کان طرف توجهه ڏين ۽ عملي ڪم ڪن
ته مسلم ليگ سنڌ ۾ هڪ زبردست طاقت ٿي رهي.

# قومي ڪمڪ ڏيڻ جي اپيل

آءٌ سنڌ جي مسلمانن کي خواهه امير هجن يا غريب
بغير ڪنهن امتياز جي اپيل ڪريان ٿو ته هو منظم
ٿي وڃن ۽ مسلم ليگ کي مضبوط ڪن. ان سلسلي ۾

Gul Hayat Institute

ڪنهن کي صلاح مشوره يا وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻي
هجي ته منهنجي نالي تي خط لکي پڇي
سگهي ٿو!

Gul Hayat Institute

مولوی محمد شفیع کاتب [illegible] پریس کراچی